# ثواب وڌائڻ جا نُسخا

(نيّتن جا 72 مدني گلدستا)



شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال

**محمّد الياس عطّار قادري رضوي**

# فهرست


| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| قيامت جي دهشتن کان نجات جو نسخو | 1 |
| نيّت جي فضيلت تي ٽي فرمان مصطفيٰ ﷺ | 1 |
| وفات جي وقت سنيون سنيون نيّتون | 2 |
| عالم نيّت، اعليٰ حضرت جو ارشادِ بابرڪت | 2 |
| نيّت جي باري ۾ پنج اهم مدني گل | 2 |
| نيّتن جا 72 مدني گلدستا | 3 |
| خصوصي نيّت | 4 |
| ﴿1﴾ صبح سوير اها نيّت ڪريو | 4 |
| ﴿2﴾ جتي پائڻ جون نيّتون | 4 |
| ﴿3﴾ جتي لاهڻ جون نيّتون | 4 |
| ﴿4﴾ بيتُ الخَلا وڃڻ جون نيّتون | 5 |
| ﴿5﴾ وضو جون نيّتون | 6 |
| ﴿6﴾ مسجد ۾ وڃڻ جون نيّتون | 6 |
| ﴿7﴾ دعا گهرڻ جون نيّتون | 7 |
| ﴿8﴾ مؤذن جي لاءِ نيّتون | 7 |
| ﴿9﴾ امام جي لاءِ نيّتون | 8 |
| ﴿10﴾ خُطبي جون نيّتون | 8 |
| ﴿11﴾ پاڻي پيئڻ جون نيّتون | 9 |
| ﴿12﴾ کائڻ جون نيّتون | 9 |
| ﴿13﴾ گڏجي کائڻ جون وڌيڪ نيّتون | 10 |
| ﴿14﴾ خِلال جون نيّتون | 10 |
| ﴿15﴾ مهمان نوازي جون نيّتون | 11 |
| ﴿16﴾ دعوتِ طعام تي وڃڻ جون نيّتون | 11 |
| ﴿17﴾ چانهن / کير پيئڻ جون نيّتون | 11 |
| ﴿18﴾ لباس پائڻ / لاهڻ جون نيّتون | 12 |
| ﴿19﴾ تيل هڻڻ / ڦڻي ڏيڻ جون نيّتون | 12 |
| ﴿20﴾ عمامو شريف ٻڌڻ جون نيّتون | 13 |
| ﴿21﴾ خوشبو لڳائڻ جون نيّتون | 13 |
| خوشبو لڳائڻ جي غلط نيّتن جي نشاندهي | 14 |
| ﴿22﴾ گهر مان نڪرڻ وقت جون نيّتون | 15 |
| ﴿23﴾ رستي تي هلڻ/ڏاڪڻ جون نيّتون | 15 |
| ﴿24﴾ ويهڻ جون نيّتون | 16 |
| ﴿25﴾ ماءُ پيءُ جي خدمت ۽ ٻارن بابت نيّتون | 17 |
| ﴿26﴾ اولاد ملڻ جو نيّتون | 17 |
| ﴿27﴾ ٻار جي نالي رکڻ جون نيّتون | 18 |
| ﴿28﴾ عقيقي جون نيّتون | 18 |
| ﴿29﴾ صِلہ رحمي جون نيّتون | 18 |
| ﴿30﴾ تجارت جون نيّتون | 19 |
| ﴿31﴾ ملازمت جون نيّتون | 19 |
| ﴿32﴾ قرض کڻڻ جون نيّتون | 19 |
| ﴿33﴾ قرض ڏيڻ جون نيّتون | 20 |
| ﴿34﴾ فون ڪرڻ يا اٽينڊ ڪرڻ جون نيّتون | 20 |
| ﴿35﴾ پاڻ وٽ فون رکڻ جون نيّتون | 21 |
| ﴿36﴾ بجلي استعمال ڪرڻ جون نيّتون | 21 |
| ﴿37﴾ پکو يا A.C هلائڻ جون نيّتون | 22 |
| ﴿38﴾ ڪمپيوٽر جي باري ۾ نيّتون | 22 |
| ﴿39﴾ مدني چينل ڏسڻ جون نيّتون | 23 |
| ﴿40﴾ ديني ڪتاب پڙهڻ جون نيّتون | 23 |
| ﴿41﴾ ديني مدرسي ۾ پڙهڻ جون نيّتون | 23 |
| ﴿42﴾ علم دين / قرآن پاڪ پڙهائڻ جون نيّتون | 24 |
| ﴿43﴾ تلاوت ڪرڻ جون نيّتون | 25 |
| ﴿44﴾ تلاوت ٻڌڻ جون نيّتون | 25 |
| ﴿45﴾ درود شريف پڙهڻ جون نيّتون | 25 |
| ﴿46﴾ نعت شريف پڙهڻ، ٻڌڻ جون نيّتون | 26 |
| ﴿47﴾ عالم جي خدمت ۾ حاضري جون نيّتون | 26 |
| ﴿48﴾ مزارن تي حاضري جون نيّتون | 27 |
| ﴿49﴾ نيڪي جي دعوت ۽ انفرادي ڪوشش جون نيّتون | 27 |
| ﴿50﴾ برائي کان منع ڪرڻ جون نيّتون | 28 |
| ﴿51﴾ بيان ڪرڻ جون نيّتون | 28 |
| ﴿52﴾ بيان ٻڌڻ جون نيّتون | 29 |
| ﴿53﴾ ملاقات جون نيّتون | 30 |
| ﴿54﴾ مدني انعامات جون نيّتون | 30 |
| ﴿55﴾ قفلِ مدينہ لڳائڻ جون نيّتون | 31 |
| ﴿56﴾ مدني قافلي ۾ سفر جون نيّتون | 32 |
| ﴿57﴾ لنگرِ رسائل جون نيّتون | 33 |
| ﴿58﴾ مدني مشوري ڪرڻ ۽ ڏيڻ جون نيّتون | 33 |
| ﴿59﴾ مدني ڪمن جون نيّتون | 34 |
| ﴿60﴾ اجتماعي اعتڪاف جون نيّتون | 34 |
| ﴿61﴾ ننهن ڪٽڻ جون نيّتون | 35 |
| ﴿62﴾ زلفن رکڻ جون نيّتون | 36 |
| ﴿63﴾ مٿي ۽ ڏاڙهي ۾ ميندي هڻڻ جون نيّتون | 36 |
| ﴿64﴾ اسلامي ڀينرن لاءِ ميندي هڻڻ جون نيّتون | 37 |
| ﴿65﴾ پردي جون نيّتون (اسلامي ڀينرن جي لاءِ) | 37 |
| ﴿66﴾ سرمي پائڻ جون نيّتون | 37 |
| ﴿67﴾ سُمهڻ جون نيّتون | 38 |
| ﴿68﴾ علاج ڪرائڻ جون نيّتون | 39 |
| ﴿69﴾ مريض جي عيادت جون نيّتون | 39 |
| ﴿70﴾ تعزيت جون نيّتون | 40 |
| ﴿71﴾ جنازي ۾ شرڪت جون نيّتون | 40 |
| ﴿72﴾ جنازي ۾ شرڪت جون نيّتون | 40 |

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# ثواب وڌائڻ جا نُسخا

تي سگهي تہ هي رسالو هر وقت پاڻ سان گڏ رکو ۽ ضرورتًا هن مان ڏسي نيتون ڪريو.

## قيامت جي دهشتن ڪان نجات جو نسخو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: اي انسانؤ! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن (يعني گهبراهٽن) ۽ حساب ڪتاب ڪان جلد ڇوٽڪارو حاصل ڪندڙ شخص اهو هوندو جنهن توهان مان مون تي دنيا ۾ ڪثرت سان درود پاڪ پڙهيا هوندا.

(الفردوس بماثور الخطاب ج 5، ص 277، حديث 8175)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نيّت جي فضيلت تي ٽي فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

❖ مسلمان جي نيّت ان جي عمل ڪان بهتر آهي. (المعجم الڪبير الحديث 5942، ج 6، ص 185) ❖ سٺي نيّت بانهي کي جنّت ۾ داخل ڪندي. (الفردوس، الحديث 6895، ج 4، ص 305) ❖ جنهن نيڪي جو ارادو ڪيو پوءِ ان کي نہ ڪري سگهيو تہ انهي لاءِ هڪ نيڪي لکي ويندي.

(صحيح مسلم، الحديث 130، ص 79)

اچھی اچھی نیتوں کا، ہو خدا جذبہ عطا
بندہ مخلص بنا، کر عفو میری ہر خطا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# وفات جي وقت سٺيون نيّتون (حڪايت)

ڪنهن بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي حياتي جي آخري پساهن ۾ حاضرين کي فرمايو: مون سان گڏجي حج جي نيّت ڪريو، جهاد جي نيّت ڪريو ۽ اهڙي طرح هڪ هڪ ڪري مختلف نيڪين جا نالا ورتائون. عرض ڪيو ويو: حضور! ان حالت ۾ نيّتون؟ فرمايائون: جيڪڏهن اسان زنده رهياسين ته انهن نيّتن تي عمل ڪنداسين ۽ فوت ٿي وياسين ته نيّتن جو ثواب ته ملي ئي ويندو.

(المدخل لابن الحاج، ج 1 ص 46 ملخصًا)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# عالمِ نيّت، اعليٰ حضرت جو ارشادِ بابرڪت

جڏهن ڪو ڪم ڪجهه نه پڄي، ۽ صرف نيّت ڪرڻ ۾ هڪ نيڪ ڪم جا ڏھ ٿي ويندا آهن ته پوءِ هڪڙي نيّت ڪرڻ ڪيڏي نه وڏي بيوقوفي ۽ بنا سبب پنهنجو نقصان آهي. (فتاويٰ رضويه، ج 23 ص 157)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# نيّت جي باري ۾ پنج اهم مدني گل

﴿1﴾ بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو ﴿2﴾ جيتريون سٺيون نيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ ﴿3﴾ نيّت دل جي ارادي کي چوندا آهن، دل ۾ نيّت هوندي زبان سان چوڻ وڌيڪ بهتر آهي، دل ۾ نيّت موجود نه هئڻ جي صورت ۾ صرف زبان سان نيّت جا لفظ ادا ڪرڻ سان نيّت نه ٿيندي ﴿4﴾ ڪنهن به چڱي ڪم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

۾ سٺي نيّت جو مطلب اهو آهي تہ جيڪو عمل ڪيو پيو وڃي دل ان ڏانهن متوجهہ هجي ۽ اهو عمل رضاءِ الٰهي جي لاءِ ڪيو وڃي، ان نيّت سان عبادات کي هڪ ٻئي کان جدا ڪرڻ يا عبادت ۽ عادت ۾ فرق ڪرڻ مقصد هوندو آهي. ياد رهي! صرف زباني ڪلام يا سوچ يا بي توجّهي سان ارادو ڪرڻ ان سِٺي کان نيّت تمام گهٽي پري آهي چوتہ نيّت ان جو نالو آهي جو دل ان ڪم کي ڪرڻ جي لاءِ بلڪ تيار هجي يعني عزمِ مُصَمَّم ۽ پڪو ارادو هجي ﴿5﴾ جيڪي سٺين نيّتن جا عادي نہ آهن انهن کي شروع ۾ بہ تَڪَلُّف ان جي عادت بنائڻ پوندي، مطلوبہ نيڪ ڪم شروع ڪرڻ کان پهريان ڪجهہ دير ترسي موقعي جي مناسبت سان مٿو جهڪائي اکيون بند ڪري ذهن کي مختلف خيالن کان آزاد ڪري نيّتن جي لاءِ يڪسو ٿيڻ مفيد آهي. هيڏانهن هوڏانهن نظرون گهمائيندي، بدن سهلائيندي، کنيندي، ڪا شيء رکندي ڪڻندي يا جلدبازي ۾ نيّتون ڪرڻ چاهيو تہ شايد نہ ٿي سگهن، نيّتن جي عادت بنائڻ جي لاءِ انهن جي اهميّت تي نظر رکندي اوهان کي سنجيدگي سان پهريان پنهنجو ذهن بنائڻو پوندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# نيّتن جا 72 مدني گُلدستا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پيش ڪيل نيّتن جي مدني گلدستن مان حسبِ حال يعني ان وقت جي پنهنجي قلبي ڪيفيت ۽ موقعي جي مناسبت سان نيّتون ڪرڻيون آهن، گلدستن ۾ نيّتون تمام گهٽ لکيون ويون آهن تڏهن بہ علمِ نيّت رکڻ وارو انهن ۾ اضافو ڪري

سگهي ٿو.

# خصوصي نيّت

موقعي جي مناسبت سان پيش ڪيل تقريبًا هر مدني گلدستي سان گڏ ڪئي ويندڙ نيّت بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط پڙهندس.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿1﴾ صبح سوير اها نيّت ڪريو

اڄوڪي ڏينهن اک، ڪن، زبان ۽ هر عضوي (يعني جسم جي هر حصي) کي گناهن ۽ فضوليات کان بچائيندي نيڪين ۾ گذاريندس. ان شآءالله عَزَّوَجَلَّ

## ﴿2﴾ جتي پائڻ جون نيّتون

❁ اِتباعِ سنّت ۾ جتي پائيندس ❁ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط پڙهي ڪري جتي چنڊيندس (تہ جيئن ڪو جيت يا پٿري وغيره هجي نڪري وڃي) ❁ پائڻ ۾ ساڄي جتي کان ابتدا ڪري سنّت ادا ڪندس ❁ صفائي جي سنّت ادا ڪندي پيرن کي مَر مٽي کان جتي جي ذريعي بچائيندس.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿3﴾ جتي لاهڻ جون نيّتون

❁ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط پڙهي پهريان کابي جتي لاهيندس پوءِ ساڄي ❁ جيڪڏهن مسجد ۾ وڃڻو پيو تہ ٻنهي جتين جا ترا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

چنبڙي مٽي وغيره ٻاهر ئي صاف ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿4﴾ بيتُ الخَلا وڃڻ جون نيّتون

❁ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط پڙهي مٿو ڍڪي اول آخر درود شريف سان گڏ مسنون دعا[1] پڙهي داخل ٿيڻ مهل سنّت جي پيروي ۾ کابي پير سان شروعات ڪندس ❁ اوگهڙ ڪليل هئڻ جي صورت ۾ قبلي ڏانهن منهن ۽ پٺي ڪرڻ کان بچندس ❁ ٻاهر نڪرڻ مهل سنّت جي پيروي ۾ ساڄو پير ٻاهر رکندس ❁ ٻاهر نڪرڻ مهل اول آخر درود شريف سان مسنون دعا[2] پڙهندس ❁ عوامي يا مسجد جي استنجا خاني وٽ جيڪڏهن قطار هجي ته صبر ڪري پنهنجي واري جو انتظار ڪندس ❁ جيڪڏهن ڪنهن کي مون کان وڌيڪ حاجت هوندي ۽ سخت مجبوري يا نماز فوت ٿيڻ جو انديشو نه هوندو ته اِيثار ڪندس ❁ هرهر دروازو کڙڪائي اندر واري کي ايذاءُ نه ڏيندس ❁ جيڪڏهن ڪنهن هرهر منهنجو دروازو کڙڪايو ته صبر ڪندس ❁ در ۽ ديوارن تي ڪجهه نه لکندس ۽ نه ئي اتي لکيل پڙهندس.

---

(1) **بيت الخلاء ۾ وڃڻ جي دعا:** بِسْمِ اللهِ اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَعُوْذُ بِکَ مِنَ الْخُبُثِ وَالْخَبَائِثِ ترجمو: **الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان شروع، يا الله آءٌ ناپاڪ جنّن** (نر ۽ مادي) **کان تنهنجي پناهه گهران ٿو/ ٿي.** (ڪتابُ الدّعاء لِلطَّبَراني حديث 357 ص 132)

(2) اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ اَذْهَبَ عَنِّي الْاَذٰي وَعَافَانِيْ ترجمو: **الله تعالي جي لاءِ سڀ خوبيون آهن جنهن مون کان تڪليف واري شيء پري ڪئي ۽ مون کي عافيت (يعني راحت) ڏني.** (سنن ابن ماجه ج 1 ص 193 حديث 301) **بهتر هي آهي ته هي دعا به ملائي پڙهو، اهڙي طرح ٻن حديثن تي عمل ٿي ويندو، چاهيو ته وڏي دعا کان پهريان هي ٿئي چڙيو: غُفْرَانَکَ ترجمو: آءٌ الله عَزَّوَجَلَّ کان مَغفِرت جو سوال ڪيان ٿو (ٿي).** (سنن ترمذي ج 1 ص87 حديث 7)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

## ﴿5﴾ وضو جون نيّتون

❁ حڪم الٰهي ادا ڪرڻ جي لاءِ وضو ڪندس[1] ❁ بِسۡمِ اللهِ وَالۡحَمۡدُلله پڙهندس ❁ سنّت جي پيروي ڪندي مسواڪ ڪندس ۽ ان جي ذريعي ذِڪر و درود جي لاءِ وات جي پاڪيزگي حاصل ڪندس ❁ مڪروهات ۽ ❁ پاڻي جي اِسراف کان بچندس ❁ فرضن، سنّتن ۽ مُستحبن جو خيال رکندس ❁ هر عضوو ڌوئڻ وقت درود شريف پڙهندس ❁ فراغت کان پوءِ اها دعا پڙهندس[2] ❁ آسمان ڏانهن ڏسي ڪري ڪلمو شهادت ۽ **سورةُ القدر** پڙهندس ❁ آخر ۾ باطني وضو جي لاءِ گناهن کان توبہ ڪندس.

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿6﴾ مسجد ۾ وڃڻ جون نيّتون

❁ نماز جي لاءِ وڃان ٿو ❁ مُؤذِّن جي دعوت (يعني نماز جو سڏ) قبول ڪريان ٿو ❁ جيڪو مسلمان رستي ۾ مليو ان کي سلام ڪندس ❁ سلام ڪرڻ واري کي جواب ڏيندس ❁ ٿي سگهيو تہ گهٽ مان گهٽ هڪ مسلمان کي رغبت ڏياري نماز جي لاءِ گڏ وٺي ويندس ❁ مسجد جي زيارت ڪندس ❁ مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت ساڄي ۽ ٻاهر نڪرڻ وقت کاٻي پير سان ابتدا ڪري سنّت جي پيروي ڪندس ❁ داخل ٿيڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ وقت جون مسنون دعائون (اول آخر

---

(1) حنفين وٽ بنا نيّت جي وضو ٿي ويندو پر ثواب نہ ملندو.

(2) اَللّٰھُمَّ اجۡعَلۡنِیۡ مِنَ التَّوَّابِیۡنَ وَاجۡعَلۡنِیۡ مِنَ الۡمُتَطَھِّرِیۡنَ. ترجمو: اي الله مون کي ڪثرت سان توبهہ ڪرڻ وارن مان بڻاءِ ۽ مون کي پاڪيزه ماڻهن ۾ شامل ڪر. (سنن ترمذي ج 1 ص 121 حديث 55)

**فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)**

درود شريف سان) پڙهندس[1] ۞ اِعۡتِڪاف ڪندس (ان اعتڪاف جي لاءِ روزو شرط ناهي اهو هڪ لمحي جي لاءِ بہ ٿي سگهي ٿو) ۞ مسلمانن کي سلام ۽ مصافحو ڪندس ۞ اَمۡرٌ بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَنَهۡيٌ عَنِ الۡمُنۡكَر (يعني نيڪي جو حڪم ۽ برائي کان منع) ڪندس ۞ نماز باجماعت ۾ مسلمانن جي قرب جون برڪتون حاصل ڪندس.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿7﴾ دعا گهرڻ جون نيّتون

۞ الله ربُّ العِزّت جي اطاعت ڪندي عبادت سمجهي ڪري سنّت جي پيروي ۾ دعا گهرندس ۞ شروع ۾ حمد و صلوٰة ۽ آخر ۾ درود شريف پڙهندس.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿8﴾ مؤذن جي لاءِ نيّتون

۞ رضاءِ الٰهي جي لاءِ اذان ڏيندس پهريان بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط پوءِ درود سلام پڙهي اهو اعلان ڪندس: گفتگو ۽ ڪم ڪار روڪي اذان جو جواب ڏيو ۽ گهڻيون نيڪيون ڪمايو ۞ اذان ڏيڻ جي سنتن ۽ آداب جو خيال رکندس ۞ اول آخر درود و سلام سان گڏ اذان کان پوءِ دعا پڙهندس ۞ اِقامت کان پهريان درود سلام پڙهي اعلان

---

(1) **مسجد ۾ داخل ٿيڻ جي دعا:** اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ لِيۡ اَبۡوَابَ رَحۡمَتِكَ ط **ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! مون تي پنهنجي رحمت جا دروازا کولي ڇڏ. مسجد کان ٻاهر نڪرڻ جي دعا:** اَللّٰهُمَّ اِنِّيۡ اَسۡئَلُكَ مِنۡ فَضۡلِكَ ط **ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان تو کان تنهنجي فضل جو سوال ڪريان ٿو .** (مسلم ص 359 حديث 713)

ڪندس: اعتڪاف جي نيّت ڪريو ۽ موبائل فون هجي ته بند ڪريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿9﴾ امام جي لاءِ نيّتون

❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ نماز پڙهائيندس ❁ سنّت جي پيروي ۾ صفون درست ڪرائيندس[1] ❁ مُقتدين ۽ پاڙي وارن جي ڏک سک ۾ حصو وٺندس پر انهن سان عام انداز ۾ بي تڪلّف (فري) نه ٿيندس (جيڪڏهن غير سنجيدگي آئي ته سمجهو وقار ختم ٿي ويو) انهن کي نيڪي جي دعوت پيش ڪندس ❁ يقيني معلومات هجڻ جي صورت ۾ مسئلي جو جواب ڏيندس نه ته معذرت ڪندس.

## ﴿10﴾ خُطبي جون نيّتون

❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ محراب جي کابي پاسي مِنبر تي ويهي خطبي جي اذان جو جواب ڏيڻ کان پوءِ بيهي قبلي کي پٺ ڪري آهستہ اَعُوْذُبِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط پڙهي عربي زبان ۾ جمعي جو خطبو ڏيندس ❁ ٻنهي خطبن جي وچ ۾ منبر تي ويهي سنّت ادا ڪندس،

(1) موقعي جي مناسبت سان ٿي سگهي ته هن طرح اعلان ڪريو: پنهنجيون ڪڙيون، ڪنڌ ۽ ڪُلها هڪ سڌ ۾ ڪري صَف سڌي ڪريو، (پنهنجون ڪڙيون فرش تي ٺهيل پٽي جي اڳئين چيڙي تي هن احتياط سان رکو جو ڪڙي جو ڪو حصو پٽي جي مٿان نه رهي نه گهٽو اڳتي رهي، جتي صرف لائن لڳل هجي اتي اهو اعلان ڪيو وڃي، لائن جي اڳئين چيڙي تي هن احتياط سان بيهو جو ڪڙي جو ڪو حصو لائن جي مٿان نه رهي) ٻن ماڻهن جي وچ ۾ جڳهہ ڇڏڻ گناهہ آهي ڪلهي سان ڪلهو ملائي يعني ٺَپ ڪري رکڻ واجب، صف سڌي رکڻ واجب ۽ جيستائين اڳين صف ٻنهي پاسن تائين پوري نه ٿي وڃي، جاڻي واڻي پوئتي نماز شروع ڪرڻ ترڪِ واجب، ناجائز ۽ گناهہ آهي. 15 سالن کان ننڍين نابالغ ٻارن کي صفن ۾ نه بيهاريو، انهن کي ڪنڊ ۾ به نه موڪليو، ننڍين ٻارن جي صف سڀ کان آخر ۾ ٺاهيو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

انهيءَ دوران دعا گهرندس (جو اها قبوليت جي گهڙي آهي) ❁ ٻئي خطبي ۾ سنت جي پيروي ۾ پهرين خطبي جي نسبت سان آواز گهٽ رکندس.

## ﴿11﴾ پاڻي پيئڻ جون نيّتون

❁ عبادت تي قوت ۽ ضرورت مطابق حلال ڪمائي جي لاءِ ڊوڙ ڊڪ تي قوّت حاصل ڪندس ❁ گلاس پرڻ ۽ پيئڻ دوران هڪ قطرو به ضايع ٿيڻ نه ڏيندس ❁ ويهي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط پڙهي روشني ۾ ڏسي، چوسي ٽن ساهين ۾ پيئندس ❁ پيئڻ کان پوءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چوندس ❁ گلاس ۾ بچيل پاڻي جو هڪ قطرو به نه هاريندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿12﴾ کائڻ جون نيّتون

❁ کاڌي کان اڳ ۽ پوءِ کائڻ وارو وضو ڪندس (يعني ٻئي هٿ ڪارائين تائين ڌوئندس) ❁ کاڌي جي ذريعي عبادت ۽ ضرورت مطابق حلال روزي ڪمائڻ خاطر ڀڄ ڊڪ لاءِ قوت حاصل ڪندس[1] ❁ سنّت جي پيروي ۾ زمين تي وڇايل دستر خوان تي سنّت جي مطابق ويهي بِسْمِ اللّٰه ۽ ٻيون دعائون پڙهي ٽن آڱرين سان ننڍا ننڍا گرهه ٺاهي چڱي طرح چٻاڙي کائيندس ❁ کائڻ دوران هر گرهه تي يَاوَاجِدُ ۽ بِسْمِ اللّٰه ۽ هر گرهه کائڻ کان پوءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چوندس ❁ ڪريل داڻا وغيره دسترخوان

---

(1) بک کان گهٽ کائڻ مناسب آهي، جيتري بک هجي ايترو ئي کائڻ سان عبادت تي قوت ملي سگهي ٿي البت گهڻو پيٽ ڀري کائڻ سان ويتر عبادت ۾ سستي ٿيندي، گناهن ڏانهن رجحان وڌندو ۽ پيٽ جون خرابيون پيدا ٿينديون آهن.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

تان ڪٽيءِ ڪائي ڇڏيندس ❁ آخر ۾ سنّت جي ادائگي جي نيّت سان ٽانوَ ۾ ٽي ڀيرا آڱريون چٽيندس (جيڪڏهن ڪاڌي جو اثر باقي رهجي وڃي تہ ٽي ڀيرا ڪان پوءِ بہ چٽيندا رهو ايستائين جو غذا جو اثر ختم ٿي وڃي)

## ﴿13﴾ گڏجي ڪائڻ جون وڌيڪ نيّتون

❁ موقعو مليو تہ ڪائڻ ڪان پهريان يا بعد جون دعائون پڙهائيندس ❁ دسترخوان تي جيڪڏهن ڪو عالم يا بزرگ موجود هوندو تہ انهن ڪان اڳ ۾ ڪاڌو شروع نہ ڪندس ❁ ڪاڌي جو سٺو حصو مثلاً ٻوٽيون وغيره حِرص ڪان بچندي ٻين جي خاطر اِيثار ڪندس ❁ ڪاڌي جي هر گرهہ تي وڏي آواز سان انهيءَ نيّت سان يَاوَاجِدُ چوندس جو ٻين کي بہ ياد اچي وڃي ۽ آسپاس جي شين کي گواهہ بڻائيندس ❁ جيستائين دسترخوان نہ ڪنيو ويندو ان وقت تائين نہ اٿندس ❁ جيستائين سڀئي فارغ نہ ٿيندا هٿ نہ روڪيندس، جيڪڏهن روڪڻو پيو تہ حديث تي عمل ڪندي معذرت ڪندس.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿14﴾ خِلال جون نيّتون

ڪائڻ ڪان بعد خِلال ڪرڻ وقت اها نيّت ڪريو: ❁ تيلي سان خلال جي سنّت ادا ڪري رهيو آهيان.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(1) انهيءَ حديث جي ڪري علماء فرمائن ٿا تہ جيڪڏهن ڪو شخص گهٽ ڪائڻ وارو هجي تہ آهستہ آهستہ ٿورو ٿورو ڪائي ۽ انهي باوجود بہ جيڪڏهن جماعت سان ساٿ نہ ڏئي سگهي تہ معذرت ڪري تہ جيئن ٻين کي شرمندگي نہ ٿئي. (بهار شريعت ج 3 ص 367)

## ﴿15﴾ مهمان نوازي جون نيّتون

۞ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مهمان نوازي ڪندي پرجوش طريقي سان ملاقات ڪري خوش دلي سان ماني يا چانهہ وغيره پيش ڪندس ۞ مهمان کان خدمت نہ وٺندس ۞ سنّت جي پيروي ڪندي مهمان کي در تائين ڇڏي ايندس.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿16﴾ دعوتِ طعام تي وڃڻ جون نيّتون

۞ دعوت ۾ وڃڻ جي شرعي احڪام کي پيش نظر رکندس[2] ۞ کائڻ ۾ حرص ڀريو انداز نہ اپنائيندس ۞ کاڌي ۽ ٻين معاملن ۾ عيب نہ ڪڍندس ۞ جيڪڏهن پاڻ وٽ کاڌو ختم ٿي ويو تہ گهرڻ بدران صبر ڪندي انتظار ڪندس.

## ﴿17﴾ چانهن / کير پيئڻ جون نيّتون

۞ عبادت، تلاوت، ديني ڪتابت (يعني لکڻ) ۽ اسلامي مطالعي تي قوت حاصل ڪرڻ لاءِ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط پڙهي چانهہ يا کير پيئندس ۞ پيئڻ کان پوءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چوندس ۞ کير پيئڻ وارو اها بہ

---

(1) مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان فرمائن ٿا: اسان جو مهمان اهو آهي جيڪو اسان سان ملاقات لاءِ ٻاهران اچي، ڀلي ان سان اسان جي واقفيّت پهريان هجي يا نہ، جيڪو اسان وٽ پاڙي يا شهر مان ئي ملڻ لاءِ ٻہ چار منٽ آيو اهو ملاقاتي آهي مهمان ناهي. ان جو آدر ڀاءُ ڪريو پر ان جي دعوت نہ ڪريو ۽ جيڪو اڻ واقف ماڻهو پنهنجي ڪم جي لاءِ اسان وٽ اچي، اهو مهمان ناهي جيئن حاڪم يا مفتي وٽ مقدمي يا فتويٰ لاءِ ايندا آهن، اهي حاڪم جا مهمان ناهن. (مراة المناجيح ج 6 ص 54)

(2) مثلاً جتي مرد ۽ عورتون بي پردا جمع ٿين يا گانا باجا هلايا وڃن اهڙي دعوت ۾ نہ ويندس.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ته تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو.** (ابن سني)

نيّت ڪري: اول آخر درود شريف سان ڪير پيئڻ کان پوءِ جي مسنون دعا[1] پڙهندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿18﴾ لباس پائڻ/ لاهڻ جون نيّتون

❁ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط پائي ڪرتو پائيندس ۽ لاهيندس ❁ پائڻ ۾ ساڄي آستين کان ۽ لاهڻ ۾ کاٻي کان ابتداء ڪري سنّت جي پيروي ڪندس ❁ پاجامو لاهڻ کان پهريان بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط پڙهندس ۽ ويهي پائيندس ❁ پاجامو پائڻ ۾ ساڄي ۽ لاهڻ ۾ کاٻي پير کان ابتدا ڪندس ❁ پائنچا پيڏين کان مٿي رکندس ❁ لباس پائڻ کان پوءِ اول آخر درود شريف سان مسنون دعا[2] پڙهندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿19﴾ تيل هڻڻ/ ڦڻي ڏيڻ جون نيّتون

❁ وارن کي سنوارڻ جي نيّت سان سنّت جي پيروي ۾ تيل لڳائيندس ❁ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط پڙهي سنت جي مطابق مٿي (۽ ڏاڙهي) ۾ تيل لڳائيندس[3] ❁ تيل جي ذريعي مٿي کي خشڪي کان

---

(1) **ڪير پيئڻ جي دعا اها آهي:** اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْهِ وَزِدْنَا مِنْهُ ط **ترجمو: اي الله** عَزَّوَجَلَّ**! اسان جي لاءِ هن (ڪير) ۾ برڪت ڏي ۽ اسان کي وڌيڪ عطا فرما.** (ترمذي ج 5 ص 283 حديث 3466)

(2) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو شخص ڪپڙو پائي ۽ اهو پڙهي:** اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىْ كَسَانِىْ هٰذَا وَرَزَقَنِيْهِ مِنْ غَيْرِ حَوْلٍ مِّنِّىْ وَلَا قُوَّةٍ **يعني ”تمام تعريفون الله جي لاءِ جنهن مون کي هي ڪپڙو پارايو ۽ منهنجي طاقت ۽ قوت بغير مون کي عطا فرمايو“ ته ان جا اڳيان پويان گناهہ معاف ٿي ويندا.** (شعب الايمان ج 5 ص 181 حديث 6285)

(3) **پيارا آقا مڪي مدني مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جڏهن تيل استعمال فرمائيندا هئا ته پهرين**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

بچائيندس ❁ ان جي ذريعي پهچڻ واري دماغي راحت ۽ حافظي جي قوت سان احڪامِ شريعت سکڻ ۾ مدد حاصل ڪندس ❁ مٿي ۽ ڏاڙهي جي وڪريل وارن کي حڪم حديث تي عمل ڪندي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط پڙهي سنواريندس ❁ سنّت کي ادا ڪندي مٿي جي وچ مان سينڌ ڪڍندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿20﴾ عمامو شريف ٻڌڻ جون نيّتون

❁ قبلي رو بيهي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط پڙهي ڪري سنت جي نيّت سان، سفيد ڪپڙي جي مٿي ڪان چنبڙيل ٽوپي تي[1] عمامو شريف ٻڌندس ❁ سنّت جي مطابق شملو ڇڏيندس ❁ عمامو شريف ۽ ٽوپي وغيره کي تيل ڪان بچائڻ جي لاءِ ضرورتًا سربند جي سنّت اپنائيندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿21﴾ خوشبو لڳائڻ جون نيّتون

❁ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ و رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خوشبو پسند آهي

---

پنهنجي ڪاٻي تري تي تيل لاهيندا هئا، پوءِ پنهي ڀروئن تي، پوءِ پنهي اکين تي ۽ پوءِ مٿي مبارڪ تي لڳائيندا هئا. (جامع صغير ص 407 حديث 6543) مديني جا تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن ڏاڙهي مبارڪ کي تيل لڳائيندا هئا تہ "عَنفَقَہ" (يعني هيٺين چپ ۽ ڄاڙي جي وچ واري وارن) ڪان ابتدا ڪندا هئا. (المعجم الاوسط للطبراني ج 5 ص 366 حديث 7629)

(1) نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عمامي شريف هيٺان مٿي تي چنبڙيل اڇي ٽوپي پائيندا هئا. (مدارج النبوة ج 1 ص 471 ملخصا)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نه پڙهي. (حاڪم)

انهيءَ ڪري لڳائيندس[1] ❁ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ پڙهي سنت جي نيّت سان خوشبو لڳائيندس ❁ خوشبو اچڻ تي درود شريف پڙهندس ❁ نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ جي نيّت سان اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ؕ چوندس ❁ ملائڪن ۽ مسلمانن کي فرحت پهچائيندس ❁ عمده خوشبو سان حافظو مضبوط ٿيڻ جي صورت ۾ ديني احڪام سمجهڻ تي قوت حاصل ڪندس. (ضرورتًا تعظيم مسجد، نماز جي زينت لاءِ زينت، اجتماع ذڪر ونعت جي احترام وغيره جي نيّت به ڪري سگهجي ٿي)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## خوشبو لڳائڻ جي غلط نيّتن جي نشاندهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خوشبو لڳائڻ ۾ اڪثر شيطان غلط نيّت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي، تنهنڪري عطر لڳائڻ ۾ سٺين نيّتن جو خصوصي اهتمام هئڻ گهرجي. حُجَّةُ الۡاِسلام حضرت سيِّدُنا ابو حامد امام محمّد بن محمّد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡوَالِي جو فرمان عالي آهي: انهيءَ نيّت سان خوشبو لڳائڻ ته جيئن ماڻهو واه واه ڪن يا قيمتي خوشبو لڳائي ماڻهن تي پنهنجي مالداري جي ڌاڪ ويهارڻ جي نيّت هجي ته ان صورتن ۾ خوشبو لڳائڻ وارو گنهگار ٿيندو ۽ خوشبو بروز قيامت مردار کان به وڌيڪ بد بودار هوندي. (احياءُالعلوم ج 5 ص 98)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] الله طيّب آهي ۽ "طِيب" يعني خوشبو کي دوست رکي ٿو، سٿرو آهي سٿرائي (صفائي) کي دوست رکي ٿو. (ترمذي ج 4 ص 365 حديث 2808) حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خوشبو (جيڪا لڳائي ويندي آهي) ۽ سٺي بو (جيڪا سونگهي ويندي آهي) پسند فرمائيندا هئا پاڻ استعمال ڪندا هئا ۽ خوشبو جي استعمال جي ترغيب ڏياريندا هئا. (وسائل الوصول الي شمائل رسول ص 88)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

## ﴿22﴾ گهر مان نڪرڻ وقت جون نيّتون

❁ نڪرڻ وقت گهروارن کي سلام ڪندس ❁ اول آخر درود شريف سان مسنون دعا[1] پڙهندس❁ رستي ۾ ڪاروبار ملازمت جي جڳهن تي مسلمانن کي سلام ڪندس ❁ سلام ڪرڻ وارن کي جواب ڏيندس ❁ جن ڪان گناهه تي سگهن تا انهن ستن عضون يعني اک زبان، ڪن، هٿ، پير، پيٽ ۽ شرمگاهه جي حفاظت ڪندس. (انظر: احياء العلوم ج 5 ص 126) ❁ باجماعت نماز جي پابندي ڪندس ❁ موقعي جي مناسبت سان انفرادي ڪوشش جي ذريعي دعوت اسلامي جي مدني ڪمن جي دعوت ڏيندس ❁ واپسي تي گهر ۾ داخل تي مسنون دعا[2] پڙهڻ ڪان پوءِ گهروارن کي سلام پوءِ سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سلام عرض ڪرڻ ڪان پوءِ **سورة الاخلاص** پڙهندس.[3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿23﴾ رستي تي هلڻ/ڏاڪڻ تي چڙهڻ ۽ لهڻ جون نيّتون

❁ جتي تي سگهيو اتي نگاهون هيٺ ڪري هلندس ❁ عورتن

---

(1) **اها دعا هي آهي:** بِسْمِ اللّٰهِ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللّٰهِ لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ ؕ **ترجمو:** **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان (مان نڪران ٿو ۽) مون **الله** تي ڀروسو ڪيو، گناهه ڪان بچڻ جي قوت ۽ نيڪي ڪرڻ جي طاقت **الله** جي طرفان ئي آهي. اها دعا پڙهڻ جي برڪت سان سڌي واٽ تي رهندؤ آفتن ڪان حفاظت ٿيندي، **الله** جي مدد شامل رهندي. (سنن ابي داوٗد ج 4 ص 420 حديث 5095)

(2) **گهر ۾ داخل ٿيڻ جي دعا:** اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَسْئَلُكَ خَيْرَ الْمَوْلَجِ وَخَيْرَ الْمَخْرَجِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ وَلَجْنَا وَبِسْمِ اللّٰهِ خَرَجْنَا وَعَلَى اللّٰهِ رَبِّنَا تَوَكَّلْنَا. **ترجمو:** اي **الله** عَزَّوَجَلَّ! مان تو ڪان داخل ٿيڻ ۽ ٻاهر وڃڻ وارين جڳهن جي ڀلائي طلب ڪريان ٿو. **الله** جي نالي سان گهر ۾ داخل ٿياسين ۽ ان جي نالي سان ٻاهر آياسين ۽ پنهنجي ربّ **الله** تي اسان ڀروسو ڪيوسين. (سنن ابي داوٗد ج 4 ص 421 حديث 5096)

(3) ائين ڪرڻ سان ان شآءالله عَزَّوَجَلَّ روزي ۾ برڪت ۽ گهرو جهيڳڙن ڪان بچت ٿيندي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

۽ بي پردگي وارن اشتهاري بورڊن کي ڏسڻ کان بچندس ❁ مسجد ڏسي درود شريف ۽ بازار ۾ داخل ٿيڻ وقت بازار جي دعا[1] پڙهندس ❁ راهه ۾ جيڪو مقدّس ڪاغذ هيٺ پيل ڏسندس، ڪٺي ادب جي جڳهه تي رکندس ❁ مسلمانن سان سلام ۽ مصافحو ڪندس ❁ مسلمانن کي سلام جو جواب ڏيندس ❁ جيڪي رشتيدار ملندا انهن سان سهڻي انداز سان ملي صِلهِ رحمي[2] ڪندس ❁ رستي ۾ ايندڙ مٿانهين يا ڏاڪڻ تي چڙهڻ وقت اَللهُ اَكْبَر اَللهُ اَكْبَر ۽ لاهي تان هيٺ يا ڏاڪڻ تان هيٺ لهندي وقت سُبْحٰنَ الله سُبْحٰنَ الله پڙهندس ❁ واٽ تي هلندي يا ڏاڪڻ تان لهندي جوتن جو آواز نه ٿئي ان جو خيال رکندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿24﴾ ويهڻ جون نيّتون

❁ (موقعو مليو ته) سنت جي ادائگي جي نيّت سان قبلي ڏانهن چهرو ڪري ويهندس ❁ غير محتاط انداز ۾ گوڏا اُڀا ڪري ٻين جي لاءِ بدنگاهي جو باعث نه ٿيندس، بلڪ پردي ۾ پردو ڪري ويهندس ❁ ڪنهن جي گوڏي يا ران تي پنهنجو گوڏو نه رکندس ❁ علم دين

---

(1) سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو جيڪو بازار ۾ داخل ٿيندي وقت اها دعا پڙهي لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ يُحْيِ وَيُمِيْتُ وَهُوَ حَيٌّ لَّا يَمُوْتُ بِيَدِهِ الْخَيْرُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ترجمو: ”الله کانسواءِ ڪو به معبود ناهي اهو اڪيلو آهي ان جو ڪو شريڪ ناهي، انهيءَ جي لاءِ بادشاهي آهي ۽ انهيءَ جي لاءِ حمد آهي، اهو ئي زنده ڪندو آهي ۽ ماريندو آهي ۽ اهو زنده آهي، ان کي ڪڏهن به موت نه ايندو، وڏي جلال ۽ بزرگيءَ وارو آهي. ان جي دستِ قدرت ۾ ڀلائي آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي.“ الله ان جي لاءِ هڪ لک نيڪيون لکندو ۽ هڪ لک گناهه مٽائيندو هڪ لک درجا بلند ڪندو ۽ ان جي لاءِ جنت ۾ هڪ گهر بڻائيندو.
(ترمذي ج 5 ص 270 حديث 3439، 3440)

(2) رشتيدارن سان چڱي طرح ملڻ به صله رحمي ۾ داخل آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

جي مجلس، اِجتماعِ ذِڪر ونعت ۽ علماءِ دين جي بارگاهن ۾ تي سگهيو تہ ادب طور گوڏا پيجي ويهندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿25﴾ ماءُ پيءُ جي خدمت ۽ پنهنجي ٻارن کي پيار ڪرڻ جون نيّتون

❁ اللهعَزَّوَجَلَّ و رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حڪم جي پيروي ڪندي صلہ رحمي ۽ اطاعت ڪري انهن جي دل خوش ڪندس ❁ انهن جي خدمت ڪري انهن جي احسانات جو عملي شڪريو ادا ڪندس ❁ پنهنجي هر دعا ۾ ماءُ پيءُ کي ياد رکندس ❁ صلہ رحمي ڪندي ٻارن جو دل خوش ڪرڻ جي لاءِ سنّت جي نيّت سان پيار ڪندس. (ننڍڙن ٻارن کي سنّت جي نيّت سان زبان ڏيکاري بہ پيار ڪري سگهجي ٿو)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿26﴾ اولاد ملڻ جو نيّتون

❁ اولاد ٿئي تہ جيئن پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمت ۾ اضافو ٿئي ❁ اولاد ٿئي تہ سنّت جي مطابق تربيت ڪندس، تي سگهيو تہ عالمِ دين بڻائيندس ❁ ساڄي ڪن ۾ اذان ۽ کاٻي ۾ اِقامت چوندس ❁ ڪنهن نيڪ ٻانهي کان تَحۡنِيۡڪ ڪرائيندس (يعني انهن کي عرض ڪندس تہ اهي کارڪ يا ڪا مني شيءِ چٻاڙي ان جي تالو تي لڳائين ❁ ڌيءُ پيدا ٿي تہ ناخوشي جو اظهار نہ ڪندس بلڪ نعمت سمجهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

شُڪر الـٰهي ادا ڪندس ❁ جيڪڏهن ڇوڪرو ٿيو تہ برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ ان جو نالو محمد يا احمد رکندس ❁ ٻار/ ٻارڙي کي هڪدم ڪنهن جامع شرائط پير صاحب جو مريد ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿27﴾ ٻار جي نالي رکڻ جون نيّتون

❁ جن نالن جي حديث شريف ۾ ترغيب آئي آهي اهي نالا رکندس ❁ فلمي اداڪارن، رانديگرن وغيره جي نالن جي مطابق نالا رکڻ بدران نسبت جون برڪتون حاصل ڪرڻ جي لاءِ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ ٻين بزرگان دين عَلَيْهِمْ رَحْمَةُ اللهِ الْمُبِيْن جي نالن تي نالا رکندس ❁ ٿي سگهيو تہ علماءِ ڪرام کان نالا رکرائيندس.

## ﴿28﴾ عقيقي جون نيّتون

❁ سنّت سمجهي عقيقو ڪندس ❁ خوش دلي سان قيمتي جانور راهِ خدا ۾ قربان ڪندس ❁ ڇوڪريءَ جي لاءِ هڪ ٻڪري ۽ ڇوڪري جي لاءِ ٻہ ٻڪر ذبح ڪندس ❁ ستين ڏينهن عقيقو ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿29﴾ صِلہ رِحمي جون نيّتون

❁ ثواب جي لاءِ صِلہ رِحمي (يعني رشتيدارن سان حُسنِ سلوڪ) ڪندس ❁ انهن کي ضرورت هوندي تہ ممڪِنہ صورت ۾ مدد ڪندس ❁ جيڪڏهن انهن جي طرفان ڪو ايذاء پهتو تہ صبر ڪندس ۽ صِلہ رحمي جاري رکندس.

فرمانِ مصطفےٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعلٰي)

## ﴿30﴾ تجارت جون نيّتون

❁ صرف رزقِ حلال ڪمائيندس ❁ معاملات (مثلاً خريد وفروخت) ۾ ديانت داري کان ڪم وٺندس ❁ حِرص کان بچندس ❁ پنهنجي مال جي ڪوڙي تعريف نہ ڪندس ❁ ڪوڙ، دوکي بازي، واعده خلافي، خيانت، غيبت، چغلي، بداخلاقي، اڙي اڙي ۽ جهيڙي جهٽي واري غيرمهذب اندازِ گفتگو ۽ مسلمانن جي دل آزارين کان بچندس ❁ دڪان تي ملندڙ فارغ وقت (ڪنهن جي حق تلفي نہ ٿئي) ذِڪر و درود يا ديني مطالعي ۾ گذارڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿31﴾ ملازمت جون نيّتون

❁ سپرد ڪيل ڪم ديانت داري (يعني ايمان داري) سان ڪندس ❁ جيڪڏهن ناجائز ڪم جو چيو ويو تہ چاهي نوڪري ڇڏڻي پوي هرگز نہ ڪندس ❁ اِجاري ۾ طئي ٿيل وقت ۽ شرطن تي عمل ڪندس ❁ اجاري جي اوقات ۾ (عُرف و عادت سان هٽي ڪري ڪو) ذاتي ڪم نہ ڪندس ❁ باجماعت نماز جي پابندي ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿32﴾ قرض کڻڻ جون نيّتون

❁ 100 فيصد موٽائڻ جي نيّت هجي تہ ئي ضرورت مطابق قرض وٺندس[1] ❁ طئي ٿيل وقت جي مطابق ان جو قرض موٽائيندس،

(1) حاجت جي موقعي تي قرض وٺڻ ۾ حرج ناهي جڏهن تہ ادا ڪرڻ جو ارادو بہ هجي جيڪڏهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

هرويرو ان کي چڪر نہ لڳرائيندس ۞ ان جي مطالبي جي بغير ڪجھ نہ ڪجھ وڌيڪ ادا ڪري ثواب ڪمائيندس ۞ قرض ادا ڪري شڪريو ادا ڪندس ۽ اهل ومال ۾ برڪت جون دعا ڏيندس.[1]

## ﴿33﴾ قرض ڏيڻ جون نيّتون

حاجتمند کي قرض ڏيڻ وقت اهي نيّتون ڪري سگھو ٿا: ۞ مسلمان ڀاءُ جي حاجت پوري ڪرڻ جو ثواب ڪمائيندس ۞ رضاءِ الٰهي جي لاءِ ان جي دل خوش ڪندس ۞ مدت پوري ٿيڻ تي ان کي تنگدست ڏٺو تہ مهلت ڏئي ثواب ڪمائيندس.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿34﴾ فون ڪرڻ يا اٽينڊ ڪرڻ جون نيّتون

۞ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط پڙهي فون ڪندس ۽ اٽينڊ ڪندس ۞ مسلمان کي اَلسَّلامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ چئي سلام ۾ ابتدا ڪندس ۞ جيڪڏهن مجبوري نہ هجي تہ فورًا فون اٽينڊ ڪري مسلمان جي

---

اهو ارادو هجي تہ ادا نہ ڪندو (تڏهن) تہ حرام ڪائي ٿو ۽ جيڪڏهن بنا ادا ڪندي مري ويو پر نيّت اها هئي تہ ادا ڪندس تہ اميد آهي آخرت ۾ ان کان پڇا ڳاڇا نہ ٿئي. (بهار شريعت ج 3 ص 656)

(1) نسائي سيدنا عبدالله بن ابي ربيعہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت ڪئي تہ فرمائن ٿا: مون کان حضور اقدس صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم قرض ورتو هو جڏهن حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ مال آيو تہ موٽائي ڏنو ۽ دعا ڏني تہ الله تنهنجي اهل و مال ۾ برڪت ڪري ۽ فرمايو: قرض جو بدلو شڪريو آهي ۽ ادا ڪرڻ. (نسائي ص 753 حديث 4692، بهارشريعت ج 2 ص 754)

(2) هڪ شخص (اڳوڻي زماني ۾) ماڻهن کي اُڌار ڏيندو هو اهو پنهنجي غلام کي چوندو هو: جڏهن ڪنهن تنگدست مقروض وٽ وڃين ان کي معاف ڪري ڇڏجان ان اميد تي خدا اسان کي معاف ڪري، جڏهن ان جو انتقال ٿيو تہ الله تعاليٰ ان کي معاف فرمائي ڇڏيو. (بخاري ج 2 ص470 حديث 3480، بهارشريعت ج 2 ص 762)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

تشويش ختم ڪندس (چوتہ فون اٽيندہ نہ ڪرڻ جي صورت ۾ اڪثر بيقراري ٿيندي آهي) ❁ گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! چوندس ❁ ٻين جي موجودگي ۾ مخاطب جي اجازت جي بغير فون جو اسپيڪر آن نہ ڪندس ❁ بنا اجازت جي ڪنهن جي فون ريڪارڊ نہ ڪندس ❁ گناهن ڀري گفتگو (مثال طور غيبت، چغلي وغيره) کان بچندس ۽ بچائيندس ❁ اِختِتام تي بہ سلام ڪندس.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿35﴾ پاڻ وٽ فون رکڻ جون نيّتون

❁ ميوزيڪل ٽيون کان پاڻ بچندس ۽ ٻين کي بہ بچائيندس ❁ ثواب جي ڪمن ۾ استعمال ڪندس (مثلاً عالمن کان مسئلا پڇڻ، صلہ رحمي، مبارڪباد، عيادت، تعزيت، نيڪي جي دعوت، رزقِ حلال جي جستجو وغيره) ❁ بنا سخت ضرورت جي ستل کي فون ڪري ان جي ننڊ خراب نہ ڪندس ❁ مسجد، اِجتماع، مدني مذاڪره، مدني مشوري ۽ مزار شريف تي حاضري وغيره جي موقعي تي فون بند رکندس ❁ ڪنهن جي فون اچڻ تي خوشي ٿئي تہ مسلمان کي راضي ڪرڻ جو ثواب ڪمائڻ جي نيّت سان خوشي جو اِظهار ڪندس (ناگواري جو اظهار دل آزار ثابت ٿي سگهي ٿو)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿36﴾ بجلي استعمال ڪرڻ جون نيّتون

❁ ڪمپيوٽر، فريج، واشنگ مشين، گيزر، A.C، پکو، بتي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

وغيره هلائڻ وقت ثواب جي نيّت سان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ پڙهندس ❁ جتي هڪ بلب سان ڪم هلي سگهي ٿو اتي بنا ضرورت وڌيڪ بلب نه ٻاريندس ❁ ضرورت پوري ٿيڻ تي اِسراف کان بچڻ جي نيّت سان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ پڙهي هڪدم بند OFF ڪندس.

## ﴿37﴾ پکو يا A.C يا واشنگ مشين هلائڻ جون نيّتون

❁ نماز پڙهڻ وقت هلائي رهيا هجو ته اها نيّت ڪريو: خُشوع (يعني دل جمعي) تي مدد حاصل ڪرڻ جي نيّت سان پکو يا A.C هلائيندس ❁ سمهڻ يا هلائڻ وقت: ننڊ تي مدد حاصل ڪرڻ ۽ ننڊ جي ذريعي عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ لاءِ پکو (يا A.C) هلائي رهيو آهيان ❁ ضرورت پوري ٿيڻ کان پوءِ نيّت ڪريو: اِسراف کان بچڻ جي لاءِ بند ڪري رهيو آهيان ❁ ٻين جي موجودگي جي نيّت: گهر جي ٻين ڀاتين يا مهمانن کي راحت پهچائڻ ۽ انهن جي دلجوئي ڪرڻ لاءِ پکا يا A.C هلائي رهيو آهيان ❁ صفائي جي سنّت تي مدد حاصل ڪرڻ لاءِ واشنگ مشين آن (On) ڪري رهيو آهيان.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿38﴾ ڪمپيوٽر جي باري ۾ نيّتون

❁ گناهن ڀريا منظر ڏسڻ کان بچندس ❁ جيڪڏهن اوچتو عورت جي تصوير اسڪرين تي اچي وئي ته هڪدم نظر هٽائيندس ۽ ان کي پري ڪندس ❁ ضرورت پوري ٿيڻ تي اِسراف کان بچڻ جي لاءِ فورًا بند ڪندس.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

## ﴿39﴾ مدني چينل ڏسڻ جون نيّتون

❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ روزانو گهٽ مان گهٽ هڪ ڪلاڪ 12 منٽ مدني چينل ڏسندس ❁ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط پڙهي آن آف ڪندس ❁ آن هئڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن ڪو ڏسڻ يا ٻڌڻ وارو موجود نہ هوندو تہ اِسراف کان بچڻ جي نيّت سان هڪدم بند ڪندس ❁ علمِ دين حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڏسندس ❁ جڏهن بہ صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! ٻڌندس تہ درود پاڪ پڙهندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿40﴾ ديني ڪتاب پڙهڻ جون نيّتون

❁ رضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ٿي سگهيو تہ باوضوءِ قبلي رخ ٿي مطالعو ڪندس ❁ موقعي جي مناسبت سان عَزَّوَجَلَّ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پڙهندس ❁ جيڪڏهن ڪو مسئلو سمجهہ ۾ نہ آيو تہ عالمن کان پڇا ڪندس ❁ پنهنجي ذاتي ڪتاب تي ضرورت موجب اندر لائين ڪندس ❁ ياداشت جا اشارا لکندس ❁ ڪتابت وغيره ۾ شرعي غلطي نظر آئي تہ ڇاپيندڙن کي تحريري طور تي اِطلاع ڪندس. (ڇاپيندڙن کي ڪتابن جون غلطيون صرف زباني ٻڌائڻ خاص فائديمند ناهي هوندو)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿41﴾ ديني مدرسي ۾ پڙهڻ جون نيّتون

❁ رضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ خاطر علمِ دين حاصل ڪندس ❁ بنا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻہ سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناھ معاف ٿيندا. (كنز العمال)

سخت مجبوري جي موڪل نہ ڪندس ۞ درجي ۾ باوضوء علمِ دين جي تعظيم لاءِ صاف سٿرا ڪپڙا پائي خوشبو لڳائي شريڪ ٿيندس ۞ ديني ڪتابن ۽ استادن جو ادب ڪندس ۞ جيڪو سڪندس اهو ٻين ڪي سيکارڻ ۾ بُخل نہ ڪندس ۞ مدرسي جي جَدْوَل تي عمل ڪندس ۞ وقف جي شين ۾ غيرشرعي تَصَرُّف نہ ڪندس ۞ مدني انعامات تي عمل، مدني قافلن ۾ سفر ۽ ٻيا مدني ڪم ڪندو رهندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿42﴾ علمِ دين / قرآن مجيد پڙهائڻ جون نيّتون

۞ رضاءِ الٰهي حاصل ڪرڻ لاءِ پڙهائيندس ۞ درجي ۾ باوُضو ٿي تعظيم علمِ دين (يا تڪريمِ قرآن مبين) جي لاءِ صاف سٿرا ڪپڙا پائي خوشبو لڳائي شريڪ ٿيندس ۞ جيڪڏهن طالبن کي ڪا ڳالھ سمجھ ۾ نہ آئي تہ هر هر سمجهائڻ ۾ سُستي نہ ڪندس ۞ ڪنهن استاد يا طالبِ علم بلڪ ڪنهن بہ مسلمان جي غيبت نہ ڪندس ۞ اجايون رڙيون ڪرڻ، غير مهذّب جملا ڳالهائڻ ۽ هر قسم جي بداخلاقي کان پاڻ کي بچائيندي طالبن کي اعليٰ اخلاق جي تعليم ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس ۞ طالبن کي وقتًا فوقتًا دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي ترغيب ڏيندو رهندس ۞ پاڻ بہ مدني انعامات تي عمل ۽ مدني قافلن ۾ سفر ڪندس ۞ قرآن ڪريم پڙهائڻ ۾ تجويد جي قاعدن جو لحاظ رکندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿43﴾ تلاوت ڪرڻ جون نيّتون

❁ قرآنِ ڪريم جي ثواب جي نيّت سان زيارت ڪندس، تعظيمًا چُهندس، چُمندس، اکين سان لڳائيندس ۽ مٿي تي رکندس ❁ **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اِطاعت ڪندي اَعُوْذُ ۽ بِسْمِ الله پڙهي تلاوت ڪندس ❁ قواعد و تجويد يعني حرفن جي درست مَخارج سان ادائگي، رُموزِ اَوقاف، معروف طريقي ۽ مَدّات جو لحاظ رکندي آهستي آهستي پڙهندس ❁ باوضو قبلہ رو گوڏا پيجي ويهي تلاوت ڪندس ❁ حديثِ پاڪ جي حڪم تي عمل ڪندي تلاوت دؤران روئندس، روئڻ نہ آيو تہ روئڻ جهڙي شڪل ٺاهيندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿44﴾ تلاوت ٻڌڻ جون نيّتون

❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ حڪم قرآني تي عمل ڪندي ڪن ڏئي خوب توجُّه سان خاموش ٿي ٻڌندس ❁ پنهنجي اختيار ۾ ٿيو ۽ دل ۾ اِخلاص محسوس ٿيو تہ حڪمِ حديث تي ڪندي، اشڪباري ڪندي ۽ اهو نہ ٿي سگهيو تہ روئڻ وارن جهڙي صورت ٺاهي تلاوت ٻڌندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿45﴾ درود شريف پڙهڻ جون نيّتون

❁ **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اطاعت جي نيّت سان دُرود شريف پڙهندس ❁ ٿي سگهيو تہ مٿو جهڪائي، اکيون بند ڪري سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو تصوّر ٻڌي درود شريف پڙهندس.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

## ﴿46﴾ نعت شريف پڙهڻ، ٻڌڻ جون نيّتون

❁ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رِضا جي لاءِ حتي الوسع باوضو، اکيون بند ڪري، ڪنڌ جهڪائي، گنبذِ خضريٰ بلڪ مڪينِ گنبذِ خضريٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو تصوّر ڪري نعت شريف پڙهندس ۽ ٻڌندس ❁ روئڻ آيو ۽ رياڪاري جو خدشو محسوس ٿيو تہ روئڻ بند ڪرڻ بدران رياڪاري کان بچڻ جي ڪوشش ڪندس ❁ ڪنهن کي روئندو، تڙپندو ڏسي بدگماني نہ ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿47﴾ عالِم دين جي خدمت ۾ حاضري جون نيّتون

❁ زيارت، سلام، مُصافحہ ۽ دست بوسي ڪندس[1] ❁ ٿي سگهيو تہ حسبِ توفيق ڪجهہ نہ ڪجهہ نذرانو پيش ڪندس[2] ❁ بي حساب بخشش جي دعا جي لاءِ درخواست ڪندس ❁ امتحان طور سوال نہ ڪندس ❁ مسئلو معلوم ڪرڻو هوندو تہ اجازت وٺي باادب عرض ڪندس ❁ پنهنجا ڪارنامہ ٻڌائڻ جي بجاءِ تعظيم طور گوڏا پيجي ويهي ڪنڌ جهڪائي خاموش رهي ان جي گفتگو کان فيضياب ٿيندس ❁ ان جي مرضي جي خلاف گهڻي دير حاضر رهڻ تي اصرار نہ ڪندس ❁ اجازت وٺي هليو ايندس.

---

(1) قرآن عظيم بنا ڇُهندي ڏسڻ، ڪعبہ معظمہ کي مسجد جي ٻاهران کان ڏسڻ، عالم کي تعظيم جي نگاهہ سان ڏسڻ، ماءُ پيءُ کي رحمت جي نظر سان ڏسڻ، عالم سان مُصافحو ڪرڻ، اهي سڀ بدني عبادتون آهن ۽ سڀ بحالِ جنابت (يعني غسل واجب ٿيڻ جو صورت ۾) بہ رَوا (يعني جائز) آهن. (فتاويٰ رضويہ ج 10 ص 557)

(2) ڪا شيءِ ڏيڻ بدران عالمن کي رقم ڏيڻ وڌيڪ فائديمند هوندو آهي ڇوتہ اسان جيڪا شيءِ پيش ڪئي ٿي سگهي ٿو اها انهن کي ڪم نہ اچي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

## ﴿48﴾ مزارن تي حاضري جون نيّتون

۞ رِضاءِ الٰهي جي لاءِ باوضو مزار تي حاضري ڏيندس ۞ پيراندي کان اچي، چار هٿ پري بيهي، قبلي کي پٺي ڏئي صاحبِ مزار جي چهري ڏانهن رُخ ڪري هٿ ٻڌي عرض ڪندس: اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَاسَيِّدِي (يعني اوهان تي سلام هجي اي منهنجا سردار!) ۞ ايصالِ ثواب ڪندس ۞ ان جي وسيلي سان دعا ڪندس ۞ مزار شريف کي پٺي ڏيڻ کان حتي الامڪان بچندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿49﴾ نيڪي جي دعوت ۾ انفرادي ڪوشش جون نيّتون

۞ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي خاطر نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ انفرادي ڪوشش ڪندس ۞ سلام ڪان پوءِ گرم جوشي سان هٿ ملائيندس ۞ حتي الامڪان نگاهون جهڪائي ڳالهه ٻولهه ڪندس (نگاهون جهڪائي انفرادي ڪوشش ڪرڻ سان نيڪي جي دعوت جو فائدو اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ويتر وڌي ويندو) ۞ سنّت تي عمل ڪرڻ جي نيّت سان مُسڪرائي ڳالهائيندس ۞ سامهون واري جي حسبِ حال سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت يا مدني قافلي ۾ سفر يا مدني انعامات تي عمل جو ذهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس[1] ۞ جيڪڏهن انفرادي ڪوشش جو

---

(1) نون اسلامي ڀائرن کي هڪدم ڏاڙهي رکڻ ۽ عمامي شريف ٻڌڻ جي تلقين جي بجاءِ نماز جي فضيلت وغيره ٻڌائي وڃي. باقي جنهن سان ڳالهائي رهيا آهيو اهو ”شيوڊ“ آهي ۽ غالب گمان آهي تہ ان کي ڪوڙائڻ کان توبہ ڪرائي ڏاڙهي وڌائڻ جو چيو وڃي تہ مڃي وٺندو تہ پوءِ ان کي ڏاڙهي ڪوڙائڻ کان منع ڪرڻ واجب ٿي پوندو پر عام طور تي نئين اسلامي ڀاءُ تي ”ظنّ غالب“ ٿيڻ دشوار هوندو آهي. عمل جي جذبي جي ڪمي جو دور آهي، نئين اسلامي ڀاءُ کي ڏاڙهي رکڻ جو اصرار ڪرڻ تي ٿي سگهي ٿو آئنده اوهان جي سامهون اچڻ کان گهٻرائيندو.

چڱو نتيجو نڪتو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم سمجهندس جيڪڏهن ڪا اڻوڻندڙ ڳالهہ محسوس ٿي تہ سامهون واري کي سخت دل وغيره سمجهڻ جي بجاءِ ان کي پنهنجي اخلاص جي گهٽتائي تصوّر ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿50﴾ برائي کان منع ڪرڻ جون نيّتون

۞ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي خاطر ۽ آخرت جو ثواب ڪمائڻ جي لاءِ برائي کان منع ڪندس ۞ حتي الامڪان اڪيلائي ۾ ۽ خوب نرمي سان سمجهائيندس ۞ بالفرض ان نامناسب انداز اختيار ڪيو تہ صبر ڪندس ۽ اصلاح قبول ڪيائين تہ ان کي پنهنجو ڪمال نہ بلڪ ربّ عَزَّوَجَلَّ جي عطا سمجهندس ۞ ناڪامي جي صورت ۾ ان کي ضدّي وغيره سمجهڻ جي بجاءِ پنهنجي اِخلاص جي ڪمي تصوّر ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿51﴾ بيان ڪرڻ جون نيّتون

(مدني چينل جا مبلغ بہ حسبِ حال نيّتون ڪري سگهن ٿا)

۞ حمد و صلوٰة ۽ مدني ماحول ۾ پڙهايا ويندڙ درود و سلام پڙهائيندس ۞ درود شريف جي فضيلت ٻڌائي صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! چوندس اهڙي طرح پاڻ بہ درود شريف پڙهندس ۽ ٻين کي پڙهائيندس ۞ سنّي عالم جي ڪتاب مان پڙهي بيان ڪندس ۞ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَالْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ "ترجمو ڪنزالايمان:

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهه ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي ان فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ اٰيَةً يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ آيت ئي هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ۞ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ۞ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهه رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو ته ڳالهائڻ کان بچندس ۞ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ پڻ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ۞ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ۞ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿52﴾ بيان ٻڌڻ جون نيّتون

(مدني چينل جا ناظرين به ان ۾ حسبِ حال نيّتون ڪري سگهن ٿا)

۞ نگاهون جهڪائي انتهائي توجهه سان بيان ٻڌندس ۞ ٽيڪ لڳائي ويهڻ جي بجاءِ علمِ دين جي تعظيم جي خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ڀيڏي ويهندس ۞ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس ۞ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهورڻ، جهڙڪڻ ۽ الجهڻ کان بچندس ۞ صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! اُذْكُرُوا الله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ۞ بيان کان پوءِ پاڻ اڳيان وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

## ﴿53﴾ ملاقات جون نيّتون

❁ اداءِ سنّت جي نيّت سان سلام ڪندس ❁ سنّت جي مطابق ٻنهي هٿن سان بلا حائل مُصافحو ڪندس ❁ ڪنهن سڏ ڪيو، پڪاريو يا توجُّهه طلب ڪئي تہ لَبَّيْڪَ چوندس[1] ❁ رضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ حاصل ڪرڻ، سنّت جي اِتباع ۽ صدقي جو ثواب ڪمائڻ ۽ مسلمان جي دل خوش ڪرڻ جي نيّت سان مُسڪرائيندس ❁ ان جي ملاقات تي دل خوش ٿي تہ ان جو اظهار ڪري ان جي بہ دل خوش ڪندس (پنهنجي دل ۾ ناگواري پيدا ٿيڻ جي صورت ۾ ان کي ان ڳالهہ جو احساس نہ ٿيڻ ڏيندس ۽ ڪوڙ بہ نہ ڳالهائيندس جو اوهان سان ملي خوشي ٿي) ❁ ان جي ڪوڙي تعريف نہ ڪندس ❁ غيبت ۽ چغلي وغيره ۽ پڻ فضول گوئي کان بچندس ❁ بنا ضرورت جي سوال نہ ڪندس[2] ❁ دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي لاءِ ان تي انفرادي ڪوشش ڪندس ❁ موڪلائڻ وقت (چڱو! خدا حافظ! وغيره چوڻ جي بدران) سلام ڪندس. (سلام کان بعد خدا حافظ چوڻ ۾ حرج ناهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿54﴾ مدني انعامات جو رسالو پُر ڪرڻ جون نيّتون

❁ رِضاءِ الٰهي جي لاءِ نيڪين ۾ اضافي، انهن تي استقامت

---

(1) منهنجي آقا اعليٰ حضرت، امام اَحمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جا والد سڳورا، رئيس المتڪلمين، حضرت مولانا نقي علي خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن لکن ٿا: جيڪو پاڻ ڪريمن (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي پڪاريندو هو جواب ۾ ”لَبَّيْڪ“ فرمائيندا هئا يعني مان حاضر آهيان. (سرور االقلوب بذکر المحبوب ص 182)

(2) مثال طور ڪٿان اچي رهيا آهيو؟ ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟ اتي ڪهڙو ڪم آهي؟ ڪٿي ملازمت آهي؟ والد صاحب ڪهڙو ڪم ڪندا آهن؟ ڀار ڪيترا آهن؟ ڪيترا ڀاءُ ڀينرون آهن؟ ڪيتري تعليم آهي؟ وغيره وغيره

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

حاصل ڪرڻ ۽ گناهن ڪان بچڻ جي ڪوشش جي ضمن ۾ روزانو فڪرِ مدينه جي ذريعي ”مدني انعامات“ جو رسالو پُر ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ تي جمع ڪرائيندس ❁ جيڪڏهن نمايان تعداد ۾ مدني انعامات تي عمل ٿيو ته ريا (ڏيکاءُ) جي حملن ڪان بچڻ جي لاءِ بنا ضرورت ڪنهن تي عدد ظاهر نه ڪندس ❁ جنهن جو عمل گهٽ ٿيو ان ڪي حقير سمجهڻ ڪان بچندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿55﴾ قفلِ مدينه لڳائڻ جون نيّتون

❁ بدڪلامي ۽ بدنگاهي سان گڏوگڏ فضول گوئي ۽ فضول نگاهي ڪان بچڻ جي لاءِ عادت بڻائڻ جي رِضاءِ الٰهي جي خاطر زبان ۽ اکين جو قفلِ مدينه لڳائيندس ❁ ڪجھ نه ڪجھ اشاري سان يا لکي به گفتگو ڪندس هر مدني مهيني جي پهرين سومر شريف تي يومِ قفلِ مدينه ملهائيندس ۽ ان ۾ مڪتبة المدينه جو رسالو ”خاموش شهزادو“ پڙهندس يا ٻڌندس (ته جيئن خاموشي جو مضبوط ذهن بڻجي) ❁ پيادل هلڻ ۾ بنا ضرورت هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ جي بجاءِ نگاهون هيٺ، گفتگو ڪندي پنهنجي قدمن جي ويجهي زمين تي ۽ ويهڻ جي صورت ۾ پنهنجي جهولي ۾ يا اهڙي طرح ويجهي زميني حصي تي نظر رکڻ جي ڪوشش ڪندس ❁ سفر دوران گاڏي ۾ (ڊرائيورنگ ڪان علاوه) بنا ضرورت ٻاهر ڏسڻ ڪان حتي الامڪان بچندس ❁ غفلت ڀري خاموشي ڪان بچڻ جي لاءِ ذِڪر و درود جي ڪثرت به ڪندس ۽ ڪجھ نه پڙهڻ جي صورت ۾ به ڪڏهن مڪه مڪرمه ۽ مدينه منوره

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

زَادَهُمَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا جو تصوّر ڪندس تہ ڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي خُفيہ تدبير، پنهنجي گناهن، موت، خاتمي، مردي جي بي وسي، مردي جا صدما، قبر و آخرت ۽ پل صراط جي دهشت، جنّت و جهنّم وغيره جي متعلق غور و فڪر ۽ پنهنجو محاسبو ڪندس.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿56﴾ مدني قافلي ۾ سفر جون نيّتون

❁ جيڪڏهن شرعي مِقدار جو سفر هوندو تہ گهر ۾ سفر تي روانگي جي غير مڪروهہ وقت ۾ ٻہ رڪعت نفل ادا ڪندس ❁ هر پيري سيني سان ملي سُواري جي دعاءِ احتياطي توبہ ۽ تجديد ايمان ۽ گناهن ڪان توبہ ڪندس ❁ اميرِ قافلہ جي اطاعت ۽ مدني قافلي جي جَدوَل جي پابندي ڪندس ❁ زبان، اکين ۽ پيٽ جو قفلِ مدينہ لڳائيندس ❁ هر موقعي تي "مدني انعامات" تي عمل جاري رکندس ❁ وُضوءِ نماز ۽ قرآن ڪريم پڙهڻ ۾ جيڪي غلطيون آهن اهي عاشقان رسول جي صحبت ۾ رهي درست ڪندس. (جيڪو ڄاڻندو هجي اهو هي نيّت ڪري تہ سيکاريندس) ❁ سنتون ۽ دعائون سکندس ۽ سيکاريندس ❁ سيئي فرض نمازون مسجد جي پهرين صف ۾ تڪبير اوليٰ سان گڏ باجماعت ادا ڪندس ❁ تهجُّد، اِشراق، چاشت، اَوّابين جا نفل ۽ صلوٰةُ التوبہ پڙهندس ❁ "صداءِ مدينہ" لڳائيندس يعني فجر جي نماز جي لاءِ مسلمانن کي جاڳائيندس ❁ موقعو مليو تہ

---

(1) فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: (آخرت جي معاملي ۾) گهڙي کن جي لاءِ غورو فڪر ڪرڻ 60 سال جي عبادت کان بهتر آهي. (الجامع الصغير للسيوطي ص 365 حديث: 5897)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

درس ڏيندس ۽ سنتن ڀريو بيان ڪندس ۞ مسلمانن سان پُرتپاڪ طريقي سان ملاقات ڪري انهن تي خوب انفرادي ڪوشش ڪندس ۽ مدني قافلي ۾ هٿو هٿ سفر جي لاءِ تيار ڪندس ۞ پنهنجي لاءِ، گهروارن جي لاءِ ۽ اُمت مسلّمہ جي لاءِ دعاءِ خير ڪندس ۞ هر وقت گڏ رهڻ ۾ حق تلفين جو اِمڪان وڌي ويندو آهي تنهن ڪري واپسي تي هر فرد ڪان انتهائي عاجزي سان معافي وٺندس ۞ (شرعي) سفر ڪان واپسي تي گهروارن لاءِ تحفو ڪٽي وڃڻ جي سنّت ادا ڪندس ۞ (سفر جيڪڏهن شرعي هجي تہ) مسجد ۾ اچي غير مڪروهه وقت ۾ سفر ڪان واپسي تي ٻہ نفل پڙهندس ۞ حسبِ حال وڌيڪ سنيون سنيون نيّتون ڪندو رهندس.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿57﴾ لنگرِ رسائل جون نيّتون

۞ لنگر رسائل جي ذريعي راهِ خدا ۾ خرچ، نيڪي جي دعوت ۽ اشاعتِ علمِ دين جو ثواب ڪمائيندس ۞ جنهن ڪي رسالو يا ڪتاب يا V.C.D تحفي ۾ ڏيندس حتي الامڪان ان کي پڙهڻ / ٻڌڻ جو هَدَف بہ وٺندس.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿58﴾ مدني مشوري ڪرڻ ۽ ڏيڻ جون نيّتون

۞ مشوري ڪرڻ جي سنّت تي عمل ۽ سنو مشورو ڏيڻ واري جي حوصلہ افزائي ڪندس ۽ پڻ ناقص مشوري ڏيڻ واري جي دل

شڪني ڪان بچندس ❁ ڪنهن جي مشوري تي عمل جي نتيجي ۾ نقصان ڪٽڻو پيو تہ ان کي ان جو ذميدار نہ سمجهندس ❁ جڏهن ڪو مون کان مشورو وٺندو تہ ديانتداري سان درست مشورو ڏيندس ❁ پنهنجي ڏنل مشوري تي ئي عمل جو اِصرار ۽ عمل نہ ڪيو تہ ناراضگي جو اِظهار نہ ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿59﴾ مدني ڪمن جي ڪارڪردگي جمع ڪرائڻ جون نيّتون

❁ رياڪاري کان بچندي مدني مرڪز جي حڪم تي عمل ۽ ذميدار جي دلجوئي جي لاءِ مقرّر وقت جي اندر اندر دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي ڪارڪردگي جمع ڪرائي ڇڏيندس ❁ ڪارڪردگي ناقص تسليم ڪئي وئي تہ ڪنهن تي الزام هڻڻ جي بجاءِ ان کي پنهنجي اِخلاص جي ڪمي تصور ڪندس ❁ سٺي ڪارڪردگي کي پنهنجو ڪارنامو نہ ربّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جي عطا سمجهندس ❁ عمده ڪارڪردگي تي حوصلہ افزائي جي لاءِ تعريفي ڪلمات ٻڌڻ جي خواهش دٻائيندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿60﴾ دعوتِ اسلامي جي اِجتماعي اِعتڪاف جون نيّتون

❁ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهہ ڏينهن (يا سڄي مهيني) جي سنّت اِعتڪاف جي لاءِ وڃي رهيو آهيان ❁ روزانو پنجئي نمازون

پھرين صفّ ۾ تڪبير اوليٰ سان باجماعت ادا ڪندس ❁ روزانو تھجُّد، اِشراق، چاشت، اَوّابين ۽ گھٽ مان گھٽ اِڪي راتين ۾ صلوٰةُ التسبيح ادا ڪندس ❁ تلاوت ۽ ذِڪرو درود جي ڪثرت ڪندس ❁ اِعۡتِڪاف جي جَدۡوَل تي عمل ڪندي سکڻ سيکارڻ جي حلقن ۾ شريڪ ٿيندس ❁ (عالمي مدني مرڪز ۾ مُعۡتَڪِف ٿيس تہ روزانو ۽ ڪنھن ٻي جاءِ تي اِعتڪاف ڪيو ۽ ابتدائي 20 ڏينھن ۾ مدني چينل جي ذريعي خارج مسجد ترڪيب بڻي تہ) اول ڪان وٺي آخر تائين مدني مذاڪرن ۾ شرڪت ڪندس ❁ زبان، اک ۽ پيٽ جو قفل مدينہ لڳائيندس ❁ ڪنھن کان ايذاء پھتو تہ عفو ۽ درگذر کان ڪم وٺندي صرف ۽ صرف نرمي ۽ صبر جو مظاھرو ڪندس ❁ مسجد کي ھر قسم جي بدبو ۽ آلودگي کان بچائيندس ❁ حيا جي نيّت سان "پردي ۾ پردي" جو ھر طرح سان خيال رکندس (سمھڻ وقت پاجامي تي گوڏ ٻڌي، وڏيڪ مٿان چادر ويڙھڻ مفيد آھي. مدني قافلي ۾، گھر ۾ ۽ ھر جڳھ ان جو خيال رکڻ گھرجي) ❁ ڪنھن جي ڪا شيء (مثال طور توليو، چادر، ڦٽي ۽ پڻ استنجا خاني وڃڻ جي لاءِ چپل وغيره) استعمال نہ ڪندس ❁ پنھنجي لاءِ، گھر وارن، دوست احباب ۽ سڀني امت جي لاءِ دعائون ڪندس ❁ عيد رات ھتو ھٿ مدني قافلي جو مسافر بڻجندس.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿61﴾ ننھن ڪٽڻ جون نيّتون

❁ جمعي جي ڏينھن ننھن ڪٽي مستحب تي عمل ڪندس ❁ پياري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻڌايل ترتيب جي مطابق ھٿن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا . (طبراني)

جا ننهن ڪٽيندس[1] ❁ ڪٽيل ننهن بيت الخلاء (Washroom) يا غسل خاني ۾ نہ اُڇلائيندس (ڇوتہ اهو مڪروھ آهي ۽ ان سان بيماري پيدا ٿيندي آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿62﴾ زلفن رکڻ جون نيّتون

❁ سنّت جي مطابق اڌ ڪن تائين يا سڄي ڪن تائين يا ڪلهن تائين زلف رکندس[2] ❁ مٿي جا سمورا وار پورا رکندس، قلمن وغيره وٽان نہ، رڳو ڪياڙي وٽان ڪٽرائيندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿63﴾ مٿي ۽ ڏاڙهي جي وارن ۾ ميندي هڻڻ جون نيّتون

❁ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط پڙهي مستحب تي عمل ڪرڻ جو ثواب ڪمائڻ لاءِ سفيد وارن کي (زرد يا ڳاڙهي) ميندي سان رنگيان ٿو[3] ❁ ميندي (خاص ڪري مٿي تي) لڳائي نہ سمهندس. (اکين جي روشني زائل ٿيڻ جو انديشو آهي)

---

(1) حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان مروي آهي جو ساڄي هٿ جي شهادت جي آڱر کان شروع ڪري ۽ ڇيچ تي ختم ڪري پوءِ کاٻي هٿ جي ڇيچ کان شروع ڪري آڱوٺي تي ختم ڪري. ان کان پوءِ ساڄي هٿ جي آڱوٺي جا ننهن ڪٽائي، انهيءَ صورت ۾ ساڄي ئي هٿ کان شروع ٿيو ۽ ساڄي تي ختم بہ ٿيو.
(درمختار ج 9 ص 670، بهار شريعت ج 3 ص 583 تا 584)

(2) مرد کي ڪلهن کان هيٺ زلف وڌائڻ حرام آهن.

(3) شرح الصدرو صفحہ 152 تي حضرت سيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي: جيڪو شخص ڏاڙهي ۾ خضاب (ڪارو خضاب يا ڪاري ميندي کان علاوه مثال طور ڳاڙهي يا زرد ميندي) لڳائيندو هجي. انتقال کان پوءِ منڪر نڪير ان کان سوال نہ ڪندا، منڪر چوندو: اي نڪير! مان ان کان ڇو سوال ڪيان جنهن جي چهري تي اسلام جو نور چمڪي رهيو آهي.

## ﴿64﴾ اسلامي ڀينرن جي لاءِ ميندي هڻڻ جون نيّتون

❁ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ پڙهي حڪمِ حديث تي عمل ڪندي ميندي سان هٿ رنگيندس ❁ ڄِرم دار (يعني جنهن جي ته ڄمندي هجي اهڙي) ميندي نه هڻنديس ❁ ميندي سان رنگيل هٿ (بلڪ بغير ميندي جي به) نامحرم تي ظاهر ٿيڻ نه ڏينديس[1] ❁ ننڍن ٻارن جي هٿن پيرن کي ميندي نه لڳائينديس.[2] (ننڍين ڇوڪرين کي لڳائڻ ۾ حرج ناهي)

## ﴿65﴾ پردي جون نيّتون

### (اسلامي ڀينرن جي لاءِ)

❁ شرعي اجازت جي تحت گهر کان ٻاهر نڪرڻو پيو ته ثواب جي نيّت سان مڪمل شرعي پردو ڪنديس، ايندي ويندي پنهنجي گلي ۾ بلڪ (فليٽ هجي ته) ڏاڪڻ تي پردو قائم رکندي چهري تي نقاب رکنديس ❁ پُرڪشش برقعو پائي ٻاهر نه نڪرنديس ❁ نامحرم سان ڳالهائڻ جي نوبت آئي ته قرآني حڪم تي عمل ڪندي، نرم ملائم گفتگو کان بچنديس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿66﴾ سرمي پائڻ جون نيّتون

❁ سمهڻ وقت اکين ۾ سُرمو پائڻ جي سنّت تي عمل ڪندس

(1) غير محرمن جي نظر سان هٿ بچائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي وارين ۾ ڪارا دستانا رائج آهن جيڪو نهايت پيارو انداز آهي خصوصًا عرب عورتن ۾ به اهي دستانا پائڻ رائج آهن.

(2) ٻارن جي هٿن پيرن تي بنا ضرورت جي ميندي لڳائڻ ناجائز آهي عورت پاڻ پنهنجي هٿن پيرن تي هڻي سگهي ٿي پر ڇوڪري کي لڳائيندي ته گنهگار ٿيندي. (بهارِ شريعت ج 3 ص 428)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا.** (ڪنزالعمال)

۞ ڪارو سرمو يا ڪاجل زينت جي نيّت سان نہ لڳائيندس[1] ۞ ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرايون، ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کاٻي ۾ ٻه تہ ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻہ ٻہ ۽ پوءِ آخر ۾ هڪ سرائي سرمي واري ڪري ان کي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳائيندس.

## ﴿67﴾ سُمهڻ جون نيّتون

۞ احتياط طور تجديدِ ايمان ۽ هر گناهه کان توبهہ ڪندس ۞ باوُضو، سمهڻ جي دعا[2] **آيةُ الكُرسي** وغيره پڙهي سڀ کان آخر ۾ **سورة الكٰفرون** پڙهندس ۞ سمهڻ وقت قبر ۾ سمهڻ کي ياد ڪندس ۞ ساڄي پاسي تي ساڄو هٿ ڳل جي هيٺان رکي قبلي ڏي منهن ڪري سمهندس[3] ۞ معمول مطابق وِرد پڙهڻ کان بعد ڪوشش ڪندس تہ زبان تي مسلسل ذِڪرُالله جاري رهي ۽ انهيءَ حالت ۾ ننڊ اچي وڃي[4] ۞ جاڳڻ وقت مسنون دعا[5] پڙهندس.

---

(1) زينت جي نيّت سان مرد کي سرمو پائڻ مڪروهه آهي ۽ زينت مقصود نہ هجي تہ ڪراهت ناهي. (عالمگيري ج 5 ص 359)

(2) **سمهڻ جي دعا:** اَللّٰهُمَّ بِاسْمِكَ اَمُوْتُ وَ اَحْيَا **ترجمو: اي الله** عَزَّوَجَلَّ! مان تنهنجي نالي سان ئي مران ٿو ۽ جيان ٿو (يعني سمهان ٿو ۽ جاڳان ٿو) (بخاري، حديث 6325 ج 4 ص 196)

(3) سنّت هيئن آهي تہ قطب تاري (يعني اتر) طرف منهن ڪري ساڄي پاسي تي سمهي جو سمهڻ ۾ بہ منهن ڪعبي جي طرف رهي. (فتاويٰ رضويہ ج 23 ص 385) دنيا ۾ هر جاءِ تي قطب تارو اتر پاسي ناهي هوندو تنهن ڪري دنيا جي ڪنهن بہ حصي ۾ سمهو ۽ مٿو يا پير ڪنهن بہ طرف هجو ساڄي پاسي اهڙي طرح سمهو جو منهن قبلي جي طرف رهي، سنّت ادا ٿي ويندي.

(4) **بهار شريعت** ج **3** ص **436** تي آهي: سمهڻ وقت ياد خدا ۾ مشغول هجي، تهليل (لَآ اِلٰـهَ اِلَّا الله) تسبيح (سُبۡحٰنَ الله) ۽ تحميد (اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه) پڙهي ايستائين جو سمهي پوي انسان جنهن حالت تي سمهندو آهي اُن تي ئي اٿندو آهي ۽ جنهن حالت تي مرندو آهي اُن تي ئي قيامت جي ڏينهن اٿندو.

(5) **جاڳڻ کان پوءِ هي دعا پڙهو:** اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِيۡٓ اَحۡيَانَا بَعۡدَ مَآ اَمَاتَنَا وَاِلَيۡهِ النُّشُوۡرُ **ترجمو:** سڀ تعريفون **الله** عَزَّوَجَلَّ لاءِ آهن جنهن اسان کي مارڻ کان پوءِ زندهہ ڪيو ۽ انهيءَ ڏانهن موٽي وڃڻو آهي.(بخاري حديث 6325، ج 4 ص 196) بهار شريعت ج 3 ص 436 تي آهي: (ننڊ مان بيدار ٿي) انهيءَ وقت پڪو ارادو ڪري پرهيزگاري ۽ تقوي اختيار ڪندس.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

## ﴿68﴾ علاج ڪرائڻ جون نيّتون

❁ عبادت تي قوّت ۽ حلال رزق ڪمائڻ تي طاقت حاصل ڪرڻ جي لاءِ مُستَحَب سمجهي علاج ڪرائيندس ❁ دوا يا گوري استعمال ڪرڻ کان پهريان بِسْمِ اللهِ الشّافِي، بِسْمِ اللهِ الكَافِي پڙهندس ❁ ڪيڏي به سخت بيماري تي صبر ڪندس ❁ پنهنجي يا ٻار يا گهر جي ڪنهن فرد جي مرض يا مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻ جو بنا ضرورت ٻين تي اظهار ڪرڻ کان بچي ثواب جو حقدار بڻجندس ❁ صرف مرد ڊاڪٽر کان علاج ڪرائيندس (جڏهن ته اسلامي ڀينرون بنا شرعي اجازت جي نامحرم ڊاڪٽر کان علاج نه ڪرائڻ جي نيّت ڪن) ❁ ڊاڪٽر جي ٻڌايل پرهيز تي جيڪڏهن قصدًا "هائو" ڪري ڇڏي ته ان هائو کي نڀائيندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿69﴾ مريض جي عيادت جون نيّتون

❁ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ عِيادت ڪندس ❁ مريض کي هي چوندس: لَابَاسَ طُهُوْرٌ اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ.[1] ❁ مريض کي رسالو وغيره تحفي ۾ ڏئي ان جي دلجوئي ڪندس، ممڪن ٿيو ته ڪجھ رسالا ان وٽ رکرائيندس ته جيئن اهو عِيادت ڪرڻ وارن ۾ ورهائي سگهي ❁ مايوس ڪُن ڳالهين کان بچندي ان کي تسلّي ڏيندس ❁ مرض ۽ علاج وغيره جي غير ضروري پڇاڳاڇا نه ڪندس ❁ ان وٽ گهڻي دير تائين نه ترسندس ❁ ان کي دعا جي درخواست ڪندس.

(1) ڪا حرج جي ڳالھ ناهي الله تعاليٰ گهريو ته هي مرض گناهن کان پاڪ ڪرڻ وارو آهي.
(بخاري ج 2 ص 505 حديث 3616)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

## ﴿70﴾ تعزيت جون نيّتون

❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ اتّباعِ سنّت ۾ ڏکويل جي تعزيت ڪندي صبر جي تلقين ڪندس[1] ❁ تي سگهيو تہ ان جو غم دور ڪرڻ ۾ عملي تعاون ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿71﴾ جنازي ۾ شرڪت جون نيّتون

❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مسلمان جو حق ادا ڪندي نماز جنازه پڙهي تدفين تائين شريڪ رهندس ❁ مرحوم جي لاءِ دعا مغفرت ۽ ايصالِ ثواب ڪندس ❁ پنهنجو جنازو ياد ڪري ٿي سگهيو تہ اشڪباري ڪندس.

## ﴿72﴾ جنازي ۾ شرڪت جون نيّتون

❁ قبرستان ۾ داخل ٿيڻ جي دعا پڙهندس[2] ❁ قبر وارن کي ايصال ثواب ڪندس ❁ قبرون ڏسي پنهنجي موت ياد ڪري ٿي سگهيو تہ ڳوڙها ڳاڙيندس ❁ اتي جي شرعي احتياطن تي عمل ڪندس (مثال طور قبر تي پير نہ رکندس، نہ ئي ويهندس، قبر تي اگربتيون نہ ٻاريندس، قبرون ڊاهي جيڪو نئون رستو ڪڍيو ويو هوندو ان تي نہ هلندس)

---

(1) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن ڪنهن ڏکويل کي تسلّي ڏني الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جنّت جا اهڙا بہ وڳا پارائيندو جنهن جي قيمت سڄي دنيا نٿي ٿي سگهي. (معجم اوسط ج 6 ص 429 حديث 9292)

(2) **اها دعا هي آهي:** اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَآ اَهْلَ الْقُبُوْرِ يَغْفِرُ اللهُ لَنَا وَلَكُمْ اَنْتُمْ سَلَفُنَا وَنَحْنُ بِالْاَثَرِ ترجمو: اي قبر وارؤ! توهان تي سلام هجي الله تعاليٰ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرمائي ۽ توهان اسان کان پهريان پهچي ويؤ ۽ اسان پويان اچڻ وارا آهيون. (عالمگيري ج 5 ص 350)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

# ماخذ و مراجع

| | | | |
|---|---|---|---|
| قرآن مجيد | مكتبة المدينه باب المدينه كراچی | الجامع الصغير | دار الكتب العلمية بيروت |
| صحيح بخاری | دار الكتب العلمية بيروت | المدخل | دار الكتب العلمية بيروت |
| صحيح مسلم | دار ابن حزم بيروت | مدارج النبوة | مركز اهلسنت بركات رضا هند |
| سنن ترمذی | دارالفكر بيروت | وسائل الوصول | دار المنهاج جده |
| سنن ابي داوٗد | دار احياء التراث العربي بيروت | احياءُ العلوم | دارصادر بيروت |
| سنن نسائي | دار الكتب العلمية بيروت | شرح الصدور | مركز اهلسنت بركات رضا هند |
| سنن ابن ماجه | دار المعرفة بيروت | سرور القلوب | شبير برادارز لاهور |
| المعجم الكبير للطبراني | دارالفكر بيروت | مراة المناجيح | ضياءُ القران پبليكشنز لاهور |
| المعجم الاوسط للطبراني | دارالفكر بيروت | درمختار | دارالمعرفة بيروت |
| كتاب الدعاءِ | دار الكتب العلمية بيروت | عالمگيري | دارالفكر بيروت |
| شعب الايمان | دار الكتب العلمية بيروت | فتاويٰ رضويه | رضا فائونديشن لاهور |
| الفردوس بماثور الخطاب | دار الكتب العلمية بيروت | بهار شريعت | مكتبة المدينه باب المدينه كراچی |

# ثواب وڌائڻ جا نسخا

## ترجمو پيشڪش

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ مجلسِ تراجم کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران
پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي
فون نمبر: 021-34921389-90-91
E-mail: translation@dawateislami.net

## گھرن وارن تي خرچ ڪريو پر....

**فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جڏهن انسان پنهنجي گهروارن تي ثواب جي نيّت سان خرچ ڪري تہ اهو ان جي لاءِ صدقو آهي. (بخاري حديث 55)

**شرح حديث:** هن حديث مان مراد اها آهي تہ ڪو مباح (يعني جائز ڪم) بہ سٺي نيت سان ڪيو وڃي تہ ان تي ثواب آهي، اهل و عيال جي پرورش انسان ئي ڪندو آهي پر جيڪڏهن انهن جي پرورش رضاءِ الٰهي جي لاءِ هجي تہ ان تي بہ ثواب آهي. (نزهة القاري ج 1 ص 399)

## گهروارن تي خرچ ڪرڻ جون نيتون

✿ رضاءِ الٰهي جي لاءِ شريعت جي حڪم تي عمل ڪرڻ لاءِ خرچ ڪندس ✿ جيڪي سمجهدار آهن هن سان انهن جي دل خوش ڪندس ✿ صلہ رحمي (يعني رشتيدارن سان سهڻو سلوڪ) ڪندس.

ISBN 978-969-631-407-3

0125126

MC 1286

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: +923 111 25 26 92 Ext: 1262

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net